
امير اهل سنت جو گذريل سال 144ه مطابق 2022 جي وڏي يارهين شريف جي موقعي تي ٿيڻ واري بيان جو تحريري گلدستو بنام

# چاڳالهہ ڪجي غوث اعظم جي

## (۽ غوث اعظم رَحمَۃُ اللهِ عَلَيہِ جون 8 ڪرامتون)

سنڌي



- خواب ۾ اچي پريشاني جو حل ٻڌايو
- اناج ۾ برڪت ٿي
- دين ۽ دنيا جي بربادي جو سبب
- 100عالمن جا سوال

پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **چا ڳالهه ڪجي غوث اعظم جي ۽ غوث اعظم جون 8 ڪرامتون**

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

امير اهل سُنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَهْجو گذريل سال 1444هجري مطابق 2022 تي وڏي يارهين شريف جي موقعي تي ٿيڻ واري بيان جو تحريري گلدستو

# ڇا ڳالهه ڪجي غوث اعظم جي ۽ غوثِ اعظم جون 8 ڪرامتون

## پيشڪش المدينة العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٹر)

## ترجمو

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڇا ڳالهه ڪجي غوث اعظم جي[1] ۽ غوث اعظم جون 8 ڪرامتون

دعاءِ عطار: يارَبّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو "ڇا ڳالهه ڪجي غوث اعظم جي ۽ غوث اعظم جون 8 ڪرامتون" پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي بدعقيدگي ۽ بُري خاتمي کان بچاءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت شيخ حُسين بن احمد ڪَوّاز بِساطي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون الله پاڪ کان هي دعا ڪئي تہ (ياالله پاڪ!) مان خواب ۾ اَبُوصالح مُؤذن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڏسڻ چاهيان ٿو. (منهنجي دعا قبول ٿي ۽) مون خواب ۾ انهن کي چڱي حالت ۾ ڏسي ڪري پڇيو: اي اَبو صالح! اوهان ڪيئن آهيو؟ فرمايائون: اي اَبُو الحسن! جيڪڏهن سرڪار

[1] امير اهل سُنت دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه 11 ربيع الأخر 1444هجري مطابق 6 نومبر 2022 وڏي يارهين شريف جي رات عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ(ڪراچي) ۾ مدني مذاڪري کان پهريان بيان فرمايو جنهن ۾ سڄي ملڪ کان آيل جامعة المدينہ جي سوين استادن بہ شرڪت ڪئي پڻ انهن يارهن راتين ۾ مختلف غوث اعظم جون ڪرامتون بہ بيان ٿيون، الحمدلله الڪريم! شعبي هفتيوار رسالو جي طرفان امير اهل سنت جي هن بيان ۽ غوث اعظم جي ڪرامتن کي تحريري صورت ۾ پيش ڪيو پيو وڃي.

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ذاتِ گرامي تي درود شريف جي ڪثرت نہ ڪيان ها تہ مان هلاڪ (يعني برباد) ٿي وڃان ها. (سعادت الدارين ،ص 136)

ذاتِ والا پہ بار بار دُرود　　بار بار اور بے شمار دُرود
بیٹھتے اُٹھتے جاگتے سوتے　　ہو الٰہی مرا شعار دُرود

(ذوقِ نعت، ص124،23)

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

شاہِ بطحا کا ماہ پارہ ہے، واہ کیابات غوثِ اعظم کی
سیّدہ فاطمہ کا پیارا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
یہ توسب اولیا کا افسر ہے، ابنِ زَہرا ہے ابنِ حیدر ہے
اور حسنین کا دُلارا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
غوثِ اعظم ہیں شاہِ جیلانی، پیرِلاثانی، قُطبِ رَبّانی
اُن کے عُشّاق نے پکارا ہے، و اہ کیا بات غوثِ اعظم کی
شَہرِ بغداد مجھ کو ہے پیارا، خوب دلکش وہاں کا نَظّارہ
میرا مرشِد جو جلوہ آرا ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی
ہم کو"گیارہ" کا ہے عدد پیارا، ان کی تاریخِ عُرس ہے گیارہ
یوں عدد ہم کو پیارا گیارہ ہے، واہ کیا بات غوثِ اعظم کی

(وسائل بخشش،ص577، 579 )

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد　　صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!

# ايمان تي موت جي خوشخبري (واقعو)

حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡه "اخبارالاخيار" ۾ لکن ٿا: هڪ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خواب ۾ الله پاڪ جي پياري محبوب صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪئي ته عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! دعا ڪيو ته مون کي قرآن ڪريم ۽ اوهان جي سُنت تي موت اچي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ايئن ئي ٿيندو ۽ ڇو نه ٿي اوهان جو شيخ، شيخ عبدالقادر آهي، اهو بزرگ فرمائي ٿو: مون پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٿي ڀيرا اها ئي درخواست ڪئي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم (هرڀيري) اهو ئي ارشاد فرمايو ايئن ئي ٿيندو ۽ ڇو نه ٿي جو ته توهان جو شيخ، شيخ عبدالقادر آهي. (اخبار الاخيار،ص 152اردو)

سبحان الله! غوث پاڪ جي محبت ۽ ان جي سلسلي ۾ داخل ٿيڻ، غوث پاڪ جو مريد ٿيڻ زبردست فضيلت رکي ٿو.

مری موت بھی آئے توبہ پہ مُرشِد ہوں میں بھی مرید آپ کا غوثِ اعظم
کرم آپ کا گر ہوا تو یقیناً نہ ہو گا بُرا خاتِمہ غوثِ اعظم

(وسائلِ بخشش،ص553 )

سلطانِ ولایت غوثِ پاک ولیوں پہ حکومت غوثِ پاک
شہبازِ خطابت غوثِ پاک فانوسِ ہدایت غوثِ پاک
اللہ کی رحمت غوثِ پاک ہیں باعثِ برکت غوثِ پاک

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي پياري پياري مرشد، شهنشاهِ بغداد حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي وڏي شان آهي ۽ سندس جي صدقي ڪين مريدن ۽ محبين(يعني محبت ڪرڻ وارن) کي به برڪتون نصيب ٿينديون آهن ۽ ڇو نه ٿين جو آقا جي فضيلت کان غلام

۾ بہ خوبيون اچي وينديون آهن. الله پاڪ! اسان کي مرڻ گهڙي تائين غوث پاڪ جي غلامي تي استقامت عنايت فرمائي ۽ قيامت ۾ بہ غوث پاڪ جي غلامي ۾ اٿاري. خليفہ اعليٰ حضرت مدّاح الحبيب مولانا جميل الرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا:

ندا دے گا مُنادی حشر میں یوں قادریوں کو   کدھر ہیں قادری کر لیں نظارہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش،ص99)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## الله پاڪ جو پيارو

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتاب" بخاري شريف" ۾ صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، حضور پُرنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: الله پاڪ جڏهن ڪنهن ٻانهي سان مَحَبَّت ڪندو آهي تہ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام کي فرمائيندو آهي تہ مان فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪيان ٿو تنهنڪري تون بہ ان سان مَحَبَّت ڪر، جيئن تہ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ان سان مَحَبَّت ڪندا آهن. پوءِ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام آسماني مخلوق ۾ اعلان ڪندي چوندا آهن تہ الله پاڪ فُلاڻي سان مَحَبَّت ڪري ٿو تنهنڪري توهان بہ ان سان مَحَبَّت ڪريو، سو آسمان وارا بہ ان سان مَحَبَّت ڪرڻ لڳندا آهن، پوءِ زمين وارن ۾ ان جي لاءِ مقبوليت رکي ويندي آهي

(بخاری، 2 / 382، حديث: 3209)

اي عاشقانِ غوث اعظم! هن مان معلوم ٿيو تہ صالح مؤمنن ۽ ڪامل ولين جي عام مقبوليت اُن جي محبوبيت(يعني الله پاڪ جي پسنديده هجڻ) جي دليل آهي جيئن تہ حضور غوثِ اعظم، خواجہ غريب نواز، داتا گنج بخش علي هجويري ۽ ٻين مشهور و معروف اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي عام مقبوليت آهي چوتہ انهن کي دنيا مان پردو

متائيندي صديون گذري ويون آهن پر ماڻهن جي دلين ۾ سندن محبت اڄ بہ موجود آهي. ۽ ان مان اهو بہ معلوم ٿيو تہ”ولي جي هڪ علامت اها بہ آهي تہ خلقت(يعني مخلوق) ان کي ولي چئي“ ۽ ان جي طرف قدرتي طور تي دل راغب ٿئي. (تفسيرصراطُ الجنان ، پ 16، مريم، تحت الاية: 198، 159/6 بتغير )

حضرت مُفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قدرتي طور انسانن جي واتان انهن جي لاءِ هي الفاظ نڪرڻ لڳند آهن ”رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه يا رَضِيَ اللهُ عَنْهُ“ ۽ ماڻهن جون دليون اَزخود انهن ڏانهن ڇڪجي وينديون آهن، ”دلين جي قُدرتي ڪشش محبوبيتِ الٰهي جي دليل“ آهي. ڏسو! حضور غوث پاڪ، خواجہ اجميري جهڙن بزرگن کي اسان ڏٺو ناهي پر سيني کي انهن کان دلي محبت آهي. (مِرأة المناجيح،389/3) هي غِيبي ۽ قدرتي محبت آهي. امام عشق و محبت، عاشق غوثِ اعظم، منهنجا اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ غوثِ اعظم ۾ عرض ڪن ٿا:

ڪنجياں دل کی خدا نے تجھے دِیں ایسی کر ۔۔۔ کہ یہ سینہ ہو محبت کا خزینہ تیرا

(حدائقِ بخشش،ص31)

شرح ڪلامِ رضا: اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ غوثيت ۾ عرض ڪري رهيا آهن: يعني يا غوث پاڪ! الله پاڪ اوهان کي مخلوق جي دلين جون چابيون عطا فرمايون آهن تہ منهنجو سينو کولي ڪري اُن ۾ پنهنجي محبت وجهي ڇڏيو جو اهو اوهان جي محبت جو خزينو بڻجي وڃي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! ۔۔۔ صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي مرشد غوث پاڪ سان عوام تہ عوام وڏا وڏا اولياءِ ڪرام بہ عقيدتمندي جو اظهار ڪندا آيا آهن چوتہ ڪين ولين جا سردار، شهنشاهِ بغداد آهن. شيخ عارف بالله ابو اسحٰق ابراهيم بن محمود رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مون پنهنجي مرشد امام

ابوعبدالله بطائحي کي اهو فرمائيندي ٻڌو: مان حضور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مبارڪ زماني ۾ حضرت سيدي احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وٽ ڪجھ رهيس، هڪ ڏينهن شيخ احمد رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مون کي فرمايو: اسان کي حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون ڪجھ خوبيون ٻڌايو، مون ڪجھ فضائل بيان ڪيا، ان دوران هڪ شخص آيو ۽ ان حضرت شيخ احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ڏانهن اِشارو ڪري مون کي چيو: ان جي يعني منهنجي شيخ احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کان علاوه اسان جي سامهون ڪنهن جي فضِيلت بيان نه ڪيو، اهو ٻڌندي ئي حضرت سيّد احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ناراض ٿي ڪري جلال ڀرين نگاهن سان ان کي ڏٺو، پوءِ حضرت سيد احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جون خوبيون ۽ فضيلتون ڪير بيان ڪري سگهي ٿو؟ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي رُتبي کي (اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم مان) ڪير ٿو پهچي سگهي؟ تمام ولين ۾ سندن مقام نهايت اعليٰ آهي.

وڌيڪ شيخ سيد احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: شريعت جو درياء سندن ساڄي هٿ ۾ آهي ۽ حقيقت جو درياء سندن کاٻي هٿ ۾ آهي، جنهن مان چاهين پاڻي پين، اسان جي هن وقت ۾ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ڪو ثاني (يعني انهن جي برابري جو) ناهي.

حضرت امام ابو عبدالله رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مون حضرت شيخ احمد رفاعي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پنهنجي پاٽيجن ۽ مريدن کي وصيت ڪندي ٻڌو: ته هڪ شخص بغداد شريف وڃڻ جي ارادي سان آيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايائون: جڏهن بغداد شريف پهچو ته شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جيڪڏهن دنيا ۾ تشريف فرما هجن ته انهن جي زيارت ۽ جيڪڏهن پردو مٿائي ويا هجن ته سندن مزار

شريف جي زيارت کان پهريان کو کم نہ ڪجو پوءِ فرمايائون: اُن تي حسرت آهي جنهن کي شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ديدار نہ مليو“( فتاویٰ رضویہ، 8/389تا390،ملخصاً)

عطا کی ہے بلندی حق نے اہلُ اللّٰہ کے جھنڈوں کو
مگر سب سے کیا اُونچا پَھریرا(1)غوثِ اعظم کا
نہ کیونکر اَولیا اس آستانے کے بنیں منگتا
کہ اِقلیمِ وِلایت پر ہے قبضہ غوثِ اعظم کا

(قبالہؔ بخشش،ص94، 99)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ۽ بين اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي محبت تي استقامت ماڻڻ ۽ انهن اولياء الله جي فيضان جي خيرات ماڻڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي سُنتن ڀري تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول کان هردم وابستہ رهو، هر مهيني پابندي سان تي سگهي تہ يارهين شريف جي نياز بہ ڏياريو ۽ ان جون برڪتون حاصل ڪيو، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي محبت دل ۾ وڌائڻ جي لاءِ هڪ مدني بهار عرض ڪيان ٿو، دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان اچا بہ وڌيڪ مضبوطي کان وابستہ ٿي وڃو،

## بدعقيدگي کان توبہ

حيدرآباد (سنڌ) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجھ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اٿڻ ويهڻ جي ڪري ذهن خراب ٿي ويو، اهو ٽن سالن تائين پنهنجي ذهن کي اهڙي طرح خراب ڪري وينو هيو جو

نہ ان کي نياز شريف سمجهہ ۾ ايندو هيو ۽ نہ ميلاد شريف، گهر ۾ هُو ميلاد ۽ يارهين شريف تي اعتراض کندو هيو، اُن ذهني خرابي کان پهريان ان کي درود شريف جو وڏو جذبو هوندو هو پر جيئن ئي اهو بي ادبن جي صحبت ۾ ويو اُن بري صحبت جي نحوست جي کري درود شريف پڙهڻ جو جذبو ئي ختم ٿي ويو. آخر قسمت جاڳي ۽ خدا طرفان ايئن ٿيو جو درود شريف جي فضيلت پڙهي تہ اهو جذبو ٻيهر جاڳي پيو جنهن سبب درود شريف پڙهڻ جو معمول ٺاهي ورتو. هڪ رات جڏهن درود شريف پڙهندي پڙهندي سُتو تہ اَلحمدللّٰه خواب ۾ سبز سبز گنبذ جو جلوو ڏٺائين حالانڪ ذهن مٿجي چڪو هو پر بي اختيار زبان تي اَلصَّلٰوۃُوَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يا رَسُوۡلَ الله جاري ٿي ويو. جڏهن اٿيو تہ دل ۾ هلچل متل هئي تہ هيءُ ڇا ٿي ويو جيڪا شيءِ مون کي سمجهہ ۾ بہ نہ ايندي هئي اها ئي مون سان ٿي رهي آهي مان زبان سان ڇا پڙهي رهيو آهيان؟ هاڻي هي سوچ ۾ پئجي ويو تہ آخر ڪجهہ تہ مسئلو آهي، مون کي تحقيق ڪرڻ گهرجي تہ حق جو رستو ڪهڙو آهي؟ اتفاق سان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جو سُنتون سکڻ سيکارڻ جو مدني قافلو سندن گهر جي ويجهو ڪنهن مسجد ۾ آيل هو تہ اهو بہ هن مدني قافلي ۾ ڪنهن جي انفرادي ڪوشش جي بدولت اچي ويو ۽ قافلي وارن سان گڏ مسافر ٿيڻجي ويو. ڪنفيوز تہ هيو ئي، حَق جي ڳولها جي جذبي تحت هي سفر تي روانو ٿي ويو. امير قافلہ اسلامي ڀاءَ ان کي نيڪ اعمال جي رسالي جو تعارف ڪرائي ان تي عمل ڪرڻ جو جذبو ڏياريو. جڏهن انهن هن رسالي کي غور سان پڙهيو تہ ڏاڍو حيران ٿيو ڇوتہ نيڪ اعمال جو رسالو تہ زندگي گذارڻ جو تمام زبردست رهنما اصولن تي مبني آهي. عاشقانِ غوث اعظم جي صحبت ۽ نيڪ اعمال جي رسالي تي عمل جي برڪت سان اُن تي

الله پاڪ جو فضل و ڪرم ٿي ويو ان مدني قافلي جي تمام اسلامي ڀائرن کي جمع ڪري چيو: ڀهريان منهنجو ذهن خراب ٿي ويو هيو ڀهريان مان اوهان کي خبر ناهي ڇا چوندو هيس اڄ اوهان سڀئي گواهه ٻڻجي وڃو مان اَڄ کان پنهنجي ان پراڻي گمراهه ڪندڙ عقيدن ۽ سوچن کان سچي توبہ ٿو ڪيان ۽ هاڻي دعوت اسلامي جي ديني ماحول کان وابستہ رهڻ جي نيت ڪيان ٿو. اسلامي ڀائرن نهايت خوشي جو ظهار ڪيو. ان اسلامي ڀاء اڳئين ڏينهن 30 روپين جون بونديون گهرائي ڪري سرڪار بغداد، حضور غوث پاڪ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي نياز ڏياري ڪري پنهنجي هٿن سان ورهائي، ان کي غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون برڪتون ڇا مليون جو اهو 35 سال کان دم(ساهه) جي بيماريءَ ۾ مبتلا هيو، ڪا رات بغير تڪليف جي نہ گذرندي هئي، ساجي ڏاڙ ۾ بہ تڪليف هئي جنهن جي باعث صحيح طرح ڪائي بہ نہ سگهندو هيو، الحمدلله مدني قافلي جي برڪت سان دورانِ سفر ساهه جي ڪابہ تڪليف نہ ٿي ۽ بنا ڪنهن تڪليف جي ڪاڏو بہ ڪائيندا رهيا. ۽ هو چئي ٿو: منهنجي دل گواهي ڏي ٿي تہ عقائد اهل سُنت حق آهي ۽ منهنجو حُسن ظن آهي تہ دعوت اسلامي جو ديني ماحول الله ۽ ان جي پياري پياري آخري نبي جي بارگاهه ۾ مقبول آهي.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول — ہے فَیضانِ غوث و رضا دینی ماحول

بَفیضانِ احمد رضا اِن شَاءَاللّٰہ — یہ پُھولے پھلے گا سدا دینی ماحول

(وسائلِ بخشش،ص646)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خواب ۾ اچي پريشاني جو حل ارشاد فرمايو

حضرت مُفتي احمديارخان نعيمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه حضرت علام الحاج سيّد اَحمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحمَةُ اللهِ عَلَيه کي ھڪ خط لکيو: مان ڪنھن مسئلي ۾ منجھيل ھيس تہ حضور غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي زيارت نصيب ٿي ۽ پاڻ فرمايائون: جيڪڏھن ڪنھن مسئلي ۾ مونجھارو پيدا ٿي وڃي تہ ملتان ۾ منھنجي پٽ ”ڪاظمي“ (يعني سيد احمد سعيد ڪاظمي) جي طرف رجوع ڪجو چو تہ ھُو اسلام جا شير آھن، وري غوث پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمايو: تہ ھُو جيڪو ڪتاب لکي رھيا آھن مون کي پسند آھي. (مفتي صاحب حضور غوث پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي پسند ڪيل ڪتاب بابت پڇا ڪندي خط ۾ لکيو) حضرت! اھو ڪھڙو ڪتاب آھي جنھن جي حضور غوث پاڪ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جن تعريف ڪئي آھي؟ غزاليءِ زمان رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان وقت ”تَسْكِيْنُ الْخَوَاطِرِ فِي مَسْئَلَةِ الْحَاظِرِ وَالنَّاظِرِ“ لکي رھيا ھئا. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان ڪتاب جي شروع ۾ لکيو ھيو: ناچيز ھن تاليف کي سيدنا غوث الاعظم حضور سيّد محي الدين شيخ عبدالقادر جيلاني الحسني و الحسيني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي بارگاھ ۾ پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ڪري ٿو. جن جي روحاني امداد ۽ مدد سان مون جھڙي کي ھن جي ترتيب ۽ تدوين جي توفيق حاصل ٿي. (فيضانِ علامہ کاظمی،ص64) الله پاڪ جي انھن سيني تي پنھنجي رحمت ٿئي ۽ انھن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عليه واٰله وسلَّم

## غزاليءِ دوران[1] جي ڪتاب جي مدني بھار

منھنجي جواني جي وقت ۾ ھڪ پيري ڪنھن شخص الله پاڪ

1 ... ھي حضرت علام سيد احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو لقب آھي

جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضر نہ هجڻ جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون. اَلحَمدُلله! غوث پاڪ جي ڪرم سان مون ان جي غلط ڳالهين کي سمجهائڻ جي لاءِ غزاليءِ دوران حضرت علامہ احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب جو اهو ڪتاب ”تَسْكِيْنُ الْخَوَاطِرِ فِى مَسْئَلَةِ الْحَاظِرِ وَالنَّاظِرِ“ ڪيس پڙهڻ جي لاءِ ڏنو. هُو منهنجي پاڙي ئي ۾ رهندو هيو ڪتاب پڙهڻ کان بعد جڏهن منهنجي اُن سان ملاقات ٿي تہ اهو ايترو تہ متاثر ٿيو جو اُن پنهنجي بُري عقيدي کان توبہ ڪري ورتي ۽ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي حاضر ناظر مڃڻ لڳو. الله پاڪ جي غزالي دوران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي پنهنجي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

## غزاليءِ دوران جون ڪجھ خوبيون

غزالي دوران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عاجزي رکڻ واري شخصيت هئا، سندن تمام گهٽي انڪساري جو اظهار ڪندا هئا. مون هميشہ ڪين ملاقات وقت سلام ۾ اڳرائي ڪندي ڏٺو آهي. ايڏي وڏي شخصيت هجڻ جي باوجود پاڻ انتظار نہ ڪندا هئا تہ ڪو مون کي سلام ڪري بلڪ غزالي دوران خود سلام ڪرڻ ۾ اڳرائي ڪندا هئا. هڪ شخص مون کي ٻڌايو تہ هڪ پيري مان آزمائڻ لاءِ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيس ۽ هيڏانهن هوڏانهن لِڪڻ لڳس اوچتو جڏهن غزالي دوران رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي ڏٺو تہ فوري طور تي پنهنجي عادت مطابق ”السلام عليڪم“ فرمايو.

## غزاليءِ دوران جي علمي شان و شوڪت

غزاليءِ دوران حضرت علامہ احمد سعيد ڪاظمي شاھ صاحب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دعوت اسلامي جي سيني کان پهرين سالاني اجتماع ڪڪري گرائونڊ ۾ تشريف کڻي آيا ۽ بيان بہ فرمايو هيائون پوءِ ان جي 6 سالن

ڪان بعد وصال ڪري ويا. مون کين آخري عمر تائين دعوت اسلامي
ڪان تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارو ڏٺو. سندن هڪ مريد حافظِ قرآن
جيڪو رحيم يارخان جو رهڻ وارو هيو، اهو چئي ٿو: مان غزاليءِ
دوران جي خدمت ۾ حاضر هيس، ان وقت دعوت اسلامي نئين نئين
وجود ۾ آئي هئي تہ ڪنهن بانيِ دعوت اسلامي جي باري ۾ اعتراض
ڪرڻ شروع ڪيا. غزاليءِ دوران رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه اهي اعتراض ٻڌڻ ڪان بعد
عاجزي ڪندي پنهنجي باري ۾ بہ انهن کي ڪجهہ هيئن فرمايو: ميان
ٻڌو! الياس قادري جيڪو ڪم ڪري رهيو آهي نہ مان اهو ڪري
سگهيو آهيان نہ اُنهيءَ طرح تون ڪري سگهين ٿو. منهنجو حُسن ظن
آهي تہ غزاليءِ دوران ايترا وڏا عالم دين هئا جو سندن بابرڪت زندگي
۾ پوري ايشيا ۾ شايد سندن جهڙو ڪو عالم نہ هيو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا هن
وقت هزارين شاگرد پکڙيل هوندا. اَلحَمۡدُلله! حضرت صاحب ڪان
منهنجو خط و ڪتاب جو سلسو ڪافي رهيو. الله پاڪ جي غزاليءِ
دوران رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب
مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عليه واٰله وسلَّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خيرخواهي وارو مدني مشورو

ڪجهہ بدنصيب ماڻهو، پنهنجي بدنصيبي جي سبب معاذالله
اولياءِ ڪرام جي اختيارات جو انڪار ڪندا ۽ معاذالله ثم معاذ الله برو
پلو بہ چوندا آهن، بهرحال جيڪڏهن ڪنهن جي ذهن ۾ اولياءِ ڪرام
رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي متعلق الله نہ ڪري ڪي وسوسا آهن تہ اُنهن کي دور

ڪرڻ گهرجن نہ تہ اُن ۾ آخرت جو وڏو نقصان آهي. اولياءِ ڪرام جي توهين ڪرڻ نهايت خطرناڪ ڪم آهي، ”بخاري شريف“ ۾ حديث قدسي آهي: جيڪو منهنجي ڪنهن ولي کان دشمني رکي مان ان کان اعلان جنگ ڪيان ٿو. (بخارى،4/ 248،حديث:6502)

الله اڪبر! الله پاڪ جنهن کي جنگ جو چيلنج ڪري تہ الله پاڪ کان ڪير مقابلو ڪري سگهي ٿو.

حضرت علامہ غلام رسول رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حديث پاڪ جي هن حصي : ”جنهن منهنجي ڪنهن ولي کان دشمني ڪئي“ جي حوالي سان لکن ٿا: يعني جيڪو ڪنهن ولي سان عداوت (يعني دشمني) انڪري ڪري ٿو جو اهو منهنجو ولي آهي، مان ان کان جنگ ڪندو آهيان ۽ اُن کي هلاڪ ڪندو آهيان ۽ ان تي اهڙا ماڻهو مُسلط ڪندو آهيان جيڪي ان کي اذيت پهچائيندا رهندا. اُن شخص جي اها رُسوائي دنيا ۾ آهي آخرت جي خرابي ان کان علاوه آهي. ( تفہيم البخارى،9/796)

حضرت علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آئمہ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِم جي جي حوالي سان فرمائن ٿا: الله پاڪ ٻن قسمن جي گنهگارن کان جنگ جو اعلان ڪيو آهي: (1) وياج خور (2) اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيهِم جو دشمن. هي ٻئي تمام وڏا گناهہ آهن چوتہ الله پاڪ جو ٻانهي کان جنگ ڪرڻ انسان جي بُري خاتمي تي دلالت ڪري ٿو ۽ جنهن سان الله پاڪ جنگ جو اعلان ڪري اهو ڪڏهن ڪامياب نٿو ٿي سگهي. (مرقات ،41/5،تحت الحديث:2266)

الله پاڪ اسان جا گناهہ مُعاف فرمائي ۽ اسان کي شيطاني وسوسن کان بچائي. اوهان گواهہ رهجو تہ هاڻي تائين دنيا ۾ جيترا بہ اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم تشريف کڻي آيا يا موجود آهن يا جيترا تشريف

ڪٽي ايندا مان انهن کان محبت ڪيان ٿو.

ہم کو سارے اولیا سے پیار ہے ان شاءَ اللّٰہ اپنا بیڑا پار ہے

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!

## دين ۽ دنيا جي بربادي جو سبب

امام اهلِ سنت، شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فتاويٰ رضويہ ۾ فرمائن ٿا: پيرن جي پير، پير دستگير، حضور غوث الاعظم شيخ عبدالقادر جيلاني عَلَیۡہِ السَّلَام کي معاذ الله برو ڀلو چوڻ زهر قاتل ۽ دنيا جي بربادي جو سبب آهي.(فتاویٰ رضویہ، 287/21)

بازِ اَشہب کی غلامی سے یہ آنکھیں پھرنی دیکھ اڑ جائے گا ایمان کا طوطا تیرا

اَلْاَماں قہر ہے اے غوث وہ تیکھا تیرا مَر کے بھی چین سے سوتا نہیں مارا تیرا

(حدائقِ بخشش،ص28 ، 29)

تي سگهي ٿو ڪنهن کي اهو وسوسو اچي ته اسان غوث پاڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ جي باري ۾ ايئن چو چئي رهيا آهيون سو الله پاڪ پنهنجي ٻانهي کي جيڪو رتبو ڏنو آهي سو ڏنو آهي. جيئن الله پاڪ مخلوق ۾ سڀني کان وڏو رتبو پنهنجي پياري آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي عطا فرمايو آهي. اسان جي زبان خشڪ ٿي وڃي، قلم ٽٽي پئي پر اسان پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان جي ”ش“ جي نقطي جو آغاز به نٿا ڪري سگهون. مولانا حسن رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ پنهنجي ڪتاب ”ذوق نعت“ ۾ لکن ٿا:

آسماں گر تیرے تلوں کا نظارہ کرتا روز اک چاند تصدق میں اتارا کرتا

(ذوقِ نعت،ص30)

يعني يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! جيڪڏهن آسمان اوهان جي

پيرن جي تريءَ يعني جيڪو حصو زمين تي لڳندو آهي ان کي ڏسي وٺي ها تہ اوهان جي پيرن تي روز هڪ چنڊ صدقو، نڇاور ڪندو ڪري. جڏهن پير جي تري جو اهو شان آهي تہ ان مبارڪ هستي جو ڇا عالم هوندو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اڌ رنگو ٿيڪ ٿي ويو

منهنجا آقاءِ نعمت سيّدي قطبِ مدينہ ضياءُ الدين احمد مدني رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون تي اڌ رنگي جو سخت حملو ٿيو منهنجو اڌ جسم مفلوج ٿي ويو، بيماري ايتريقدر وڌي وئي جو سيني ماڻهن اهو ئي سمجهيو تہ مان هاڻي بچي نہ سگهندس. هڪ رات مون روئي روئي ڪري بارگاهِ سَرور ڪائنات ۾ فرياد ڪئي، يارسول الله صَلَّى اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ مون کي منهنجي پيرومرشد، منهنجي امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ خادم بڻائي ڪري اوهان جي دربار ۾ موڪليو آهي، جيڪڏهن هي بيماري ڪنهن خطاء جي سزا آهي تہ منهنجي مرشد جي واسطي مون کي مُعاف فرمائي ڇڏيو. انهي طرح غوث پاڪ ۽ خواجہ غريب نواز جي دربارن ۾ بہ فرياد ڪئي. سيّدي قطب مدينہ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: جڏهن مون کي ننڊ اچي وئي تہ ڇا ٿو ڏسان تہ منهنجا پيرو مرشد سيّدي اعلي حضرت امام احمدرضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ٻن نوراني صورتن وارن بزرگن سان گڏ تشريف کڻي آيا آهن. اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ هڪ بُزرگ جي طرف اشارو ڪندي فرمايو: ضياءُ الدين!( رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ) ڏسو! هيءُ حضور سيّدنا غوث الاعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ آهن ۽ ٻئي بُزرگ جي طرف اشارو ڪندي فرمايو: ۽ هيءُ حضور خواجہ غريب نواز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ آهن. حضور غوث اعظم رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فالج ۾ ورتل منهنجي جسم جي حصي تي پنهنجو شفاء

وارو هٿ ڦيرائي فرمايو: اٿو! مان خواب ئي ۾ اٺي بيٺس. هاڻي هي ٺئي بُزرگ نماز پڙهڻ لڳا. پوءِ منهنجي اک کُلي وئي. اللّٰه پاڪ جي ڪرم سان اَلحَمۡدُلله! مان تندرست ٿي ويس. (سيدى قطب مدينہ،ص 12)

اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ ان جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

شفا پاتے ہیں صد ہا جاں بلب اَمراضِ مہلک سے
عجب دارُ الشفا ہے آستانہ غوثِ اعظم کا
جمیلؔ قادری سو جاں سے ہو قربان مرشد پر
بنایا جس نے تجھ جیسے کو بندہ[1] غوثِ اعظم کا

(قبالہ بخشش،ص94، 101)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ميمڻ جي غوث اعظم سان عقيدت

پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي ”ميمڻ“ ماڻهو غوث پاڪ جو تمام گهڻو احترام ڪندا آهن ۽ ميمڻ قبيلي ۾ يارهين شريف جو رجحان تمام گهڻو هوندو آهي. ايستائين جو اسان جون وڏڙيون گهر کان ٻاهر وڃڻ تي چونديون آهن: پٽ وڃ! غوث پاڪ جو وسيلو، پيرانِ پير جي مدد، غوث پاڪ جي نظر. هاڻي ٽيڪنالوجي جو زمانو آهي. مختلف قسم جا گمراهه ڪندڙ مضمون تمام تيزي سان پکڙجي رهيا آهن. اَلحَمۡدُلله! هدايت جو سلسلو بہ جاري آهي. فرعون جو خاتمو ڪرڻ جي لاءِ حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تشريف ڪٺي آيا. اهڙي طرح نمرود خُدائي

1ٻانهي مان مراد غلام آهي جوتہ ٻانهي جي هڪ معنيٰ خادم بہ آهي

جي دعوا ڪئي تہ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام سندس مقابلو ڪيو. اللّٰه پاڪ اسان کي شيطاني وسوسن کان بچائي ڪري اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم جو باادب رکي

## غريب کي امير ڪري ڇڏيائون.

حضُور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي وڏي صاحبزادي حضرت شيخ سيد عبدالرزاق قادري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو بيان آهي تہ جڏهن منهنجا والد صاحب مشهور ٿي ويا تہ سندن حج ادا ڪيو، ان حج جي آمدورفت ۾ مان سندن سواري جي واڳ پڪڙيندو هئس، جڏهن اسان بغداد جي ڏکڻ واري پاسي ۾ موجود شهر ۾ پهتاسين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمايائون تہ هتي سڀ کان غريب گهر جي تلاش ڪريو، سو اسان هڪ ويرانو ڏٺو جنهن ۾ پشم (اُون) جو هڪ خيمو هو، ان ۾ هڪ پوڙهو، هڪ پوڙهي ۽ هڪ ڇوڪري هئي. پاڻ ان پُوڙهيءَ کان اجازت ورتي ۽ ساٿين سان گڏ ان وِيراني ۾ ترسيا، ان شهر جا مشائخ ۽ رئيس ۽ امير سندن خدمت ۾ آيا ۽ درخواست ڪئي تہ اوهان اسان جي غريب خانن ۾ يا ڪنهن ٻي سٺي گهر ۾ هلو پر پاڻ منظور نہ ڪيائون. ان شهر جي حاڪم سندن لاءِ ڪافي ڳئون ٻڪريون، ڪاڏو، سون، چاندي ۽ سامان موڪليو ۽ سفر جي لاءِ سواريون موڪليون ۽ ماڻهو هر طرف کان سندن خدمت ۾ حاضر ٿيا، پاڻ پنهنجي ساٿين کي فرمايو تہ هن تمام سامان مان مون پنهنجو حصّو هن گهر وارن کي بخشي ڇڏيو. هي ٻڌي اُنهن چيو تہ اسان بہ پنهنجو پنهنجو حصّو بخشي ڇڏيو، اهڙي طرح اهو تمام مال ان پوڙهي، پوڙهيءَ ۽ ڇوڪريءَ کي ڏنو ويو رات جو پاڻ اتي رهيا ۽ صُبح جو روانا ٿيا، (پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جا صاحبزادا فرمائن ٿا) ڪيئي سالن کان پوءِ ان شهر مان منهنجو گُذرڻ ٿيو، ڇا ڏسان ٿو تہ هو پوڙهو اتي جي رهواسين ۾ سڀ کان وڌيڪ مالدار آهي. ان مون کي چيو تہ هي

سڀ ڪجھ ان رات جي برڪت آهي جڏهن غوث پاڪ اسان وٽ تشريف کڻي آيا هئا ۽ اسان کي نوازيو هو. (بهجۃالاسرار، ذکر شي من شرائف اخلاقه،ص۱۹۸)

سبحان الله! منهنجا پير و مرشد غريبن کي پهريان نوازيو. پر اسان جي توجھ مالدارن جي طرف وڌيڪ ۽ غريبن جي طرف گھٽ هوندي آهي. افسوس........

کبھی تو غریبوں کے گھر کوئی پھیرا! ہماری بھی قسمت جگا غوثِ اعظم
مرے خواب میں آ بھی جا غوثِ اعظم پلا جامِ دیدار یا غوثِ اعظم
مرے خواب میں آ بھی جا غوثِ اعظم پلا جامِ دیدار یا غوثِ اعظم

(وسائلِ بخشش،ص552)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## پهريان نمازي پوءِ نيازي

اي عاشقانِ غوث اعظم! اسان جي پياري پياري مرشد کي جيڪو رُتبو مليو اهو الله پاڪ جي عطا سان مليو، ولايت الله پاڪ جي عطا سان حاصل ٿيندي آهي، اولياءِ ڪرام فرضن ۽ واجبن جا سختي ڪان پابند هوندا آهن، ايستائين جو منهنجا پيرومرشد غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه روزانو هزار رڪعتون نفل ادا ڪندا هئا هڪ رات ۾ پندرهن سالن تائين هڪ قرآن ڪريم ختم ڪيو، هو هزارين نفل پڙهن ۽ افسوس! اسان ڪان فرض نمازون به پڙهي نٿيون سگھجن، ڇا غوث پاڪ ڪان اهائي برڪت ورتي آهي جو صرف انهن جي نالي جي نياز ڪائڻي آهي، انهن ته نماز پڙهي، اوهان سندن چاهڻ وارا ٻڌجو انهن جي نقل به ڪيو. پهريان نمازي پوءِ نيازي. ياد رکو! نماز فرض آهي ۽ نياز مستحب آهي. فرض جو درجو مستحب کان وڌو هوندو آهي. فرض ادا نه ڪندا ته گنهگار جڏهن ته مستحب تي

عمل نہ ڪيو تہ گناهہ ناهي. جيڪو ڄاڻي واڻي هڪ بہ نماز ترڪ ڪري تہ ان جو نالو جهنم جي اُن دروازي تي لکيو ويندو آهي جنهن مان هُو جهنم ۾ داخل ٿيندو. منهنجا آقا اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن اسان کي غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي محبت جا جام پياريا آهن، فرمائن ٿا: جيڪو هڪ نماز بہ ڄاڻي واڻي ڇڏي تہ اهو جهنم ۾ هزارين سال سڙڻ جو حقدار آهي. (فتاوىٰ رضويہ ، 9 / 158) هڪ نماز جو اهو وبال آهي تہ جيڪو هڪ مهينو بلڪ ڪيئي مهينا نہ نہ بلڪ ڪيئي سالن تائين نہ پڙهي تہ ٿورو سوچيو ان جو ڇا انجام ٿيندو..؟ نيت ڪيو! ان شاءالله الڪريم نياز ڪندا آهيون ڪندا رهنداسين پر نماز بہ نہ ڇڏينداسين.

## ”غوث الاعظم“جي نسبت سان غوث اعظم جون 8 ڪرامتون

حضرت شيخ عبدالحق مُحدّث دهلوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ڪرامتن جي لحاظ کان اولياءِ ڪرام عَلَيۡهِ السَّلَام مان ڪوبہ حضور غُوثِ پاڪ جي مدمقابل ناهي، ايستائين جو ڪجهہ بُزرگن فرمايو: حضُور غوث پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ڪرامتن جو حال ”موتين جي لڙهي“ جيان آهن جو جڏهن ٽٽندي آهي تہ هڪ هڪ تي ڪري موتي ڪرندا آهن پڻ سندن ڪرامتون اعدادو شمار کان وڌيڪ آهن. ( اشعة اللمعات، 610/4 مفهوماً)

## (1) مرغي زنده ٿي وئي (ڪرامت)

هڪ عورت، سرڪارِ بغداد، حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جي خدمت ۾ اهو چئي پنهنجو پٽ ڇڏي وئي تہ هي اوهان سان محبت ڪندو آهي، هن جي تربيت فرمايو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه ان کي قبول فرمائي

مجاهدي ۾ لڳائي ڇڏيو، هڪ ڏينهن ان جي ماءُ آئي، ڏٺائين تہ ڇوڪرو بُک ۽ رات جو مسلسل جاڳڻ سبب ڪمزور ۽ ڦڪو ٿي ويو آهي ۽ جوَ جي ماني کائي رهيو آهي، جڏهن عورت غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه وٽ حاضر ٿي تہ ڏٺائين تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن جي سامهون هڪ ٿانو ۾ مرغيءَ جون هڏيون رکيل آهن، جنهن کي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن تناول فرمايو هو. ان عورت عرض ڪيو! يا غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه اوهان پاڻ تہ مرغي کائو ۽ منهنجو ٻچو جوَ جي ماني. هي ٻڌي غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجو هٿ مبارڪ انهن هڏين تي رکيو ۽ فرمايائون: قُوْمِيْ بِاِذْنِ اللهِ الَّذِیْ يُحْيِ الْعِظَامَ وَ هِیَ رَمِيْم يعني الله پاڪ جي حڪم سان زنده ٿي وڃ جيڪو بوسيده هڏين کي زنده فرمائيندو. اهو فرمائڻ هيو ۽ مرغي فورًا زنده صحيح سلامت اُٿي ڪري آواز ڪرڻ لڳي، غُوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن فرمايو: جڏهن تنهنجو پٽ هن درجي تي پهچي ويندو تہ جيڪو چاهيندو کائيندو. (بهجة الاسرار، ص. 128) الله رب العزت جي غوث پاڪ تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاہِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى الله عليه واٰله وسلَّم

جس طرح مُردے جِلائے اِس طرح مُرشد مرے
مُردہ دل کو بھی جِلا، یاغوثِ اعظم دستگیر

(وسائلِ بخشش، ص547)

شعر جي وضاحت: اي منهنجا پيارا پيارا مرشد غوث پاڪ! اوهان جهڙي طرح (الله پاڪ جي عطا ڪيل طاقت سان) مردن کي زنده فرمايو تا اهڙي طرح منهنجي مرده دل کي بہ زنده فرمائي ڇڏيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (2) اناج ۾ برڪت ٿي

شيخ ابو العباس احمد قَرَشِي بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْہ فرمائن ٿا تہ هڪ پيري بغداد ۾ ڏڪار پيو هو، مون پنهنجي محتاجي ۽ ڪثرتِ عيال (گهڻن ٻار ٻچن) جي شڪايت بارگاه غَوثِيت ۾ ڪئي، تہ غوثِ صمداني، قُطبِ ربَّاني حضرت سَيدُنا شَيخ عبدُ القادِرجِيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منهنجي لاءِ هڪ وَيهَہ (هڪ مخصوص پيمانو) ڪڻڪ جو ڪڍيائون ۽ مون کي فرمايائون تہ هن کي هڪ ٻوري ۾ وجهي ان جو منهن بند ڪري ڇڏيو ۽ هڪ پاسي کان کولي ڪڍندا رهجو ۽ پيهين کائيندا رهجو پر ان جو منهن هرگز نہ کولجو. شيخ ابوالعباس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ اسان ان ٻوري مان 5 سالن تائين ڪڻڪ ڪڍي ڪڍي کائيندا رهياسين، پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي گهرواريءَ ان جو منهن کولي ڇڏيو تہ اها ست(7) ڏينهن ۾ خَتم ٿي وئي، پوءِ مون حُضور غَوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ تَعالیٰ عَلَيْه جي خدمت ۾ اها ڳالهہ عرض ڪئي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن اِرشاد فرمايائون: جيڪڏهن توهان ان کي ڇڏي ڏيو ها ۽ ان جو منهن نہ کوليو ها تہ پنهنجي مرڻ تائين انهيءَ مان کائيندا رهو ها يعني اها ڪڻڪ ختم نہ ٿئي ها. (بهجة الاسرار ، ص ١٣٠)

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

وہ اور ہیں جن کو کہئے محتاج | ہم تو ہیں گدائے غوث اعظم
جو دَم میں غنی کرے گدا کو | وہ کیا ہے عطائے غوث اعظم

(ذوق نعت،ص 178)

# ڪرامت حق آهي

اي عاشقانِ غوث پاڪ! اهلِ سنت جو متفق عقيدو آهي تہ صحابہ ڪِرَام عَلَيهمُ الرِّضْوَان ۽ اولياءِ عظام رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جون ڪرامتون حق آهن ۽ هر زماني ۾ الله وارن جون ڪرامتون ظاهر ٿينديون رهيون آهن ۽ اِنْ شَآءَاللّٰه قيامت تائين ڪڏهن بہ ان جو سلسلو ختم نہ ٿيندو.. حضرت شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: الله وارن کان ڪرامتن جو ظاهر ٿيڻ قرآن و حديث مان ثابت آهي. (اشعة اللمعات، 595/4)چوتہ ڪرامتن جو ذڪر تہ قرآنِ پاڪ ۾ بہ ملي ٿو جيئن تہ سيپاري 3 سورت آل عمران آيت 37 ۾ الله پاڪ جي پياري نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي والده محترمہ حضرتِ مريم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ بي موسمي ميون جو اچڻ سندن ڪرامت آهي. قرآن پاڪ ۾ آهي.

كُلَّمَا دَخَلَ عَلَيْهَا زَكَرِيَّا الْمِحْرَابَۙ-وَجَدَ عِنْدَهَا رِزْقًاۚ-قَالَ يٰمَرْيَمُ اَنّٰى لَكِ هٰذَاؕ قَالَتْ هُوَ مِنْ عِنْدِ اللّٰهِؕ-اِنَّ اللّٰهَ يَرْزُقُ مَنْ يَّشَآءُ بِغَيْرِ حِسَابٍ(۳۷)(پ۳،اٰل عمران:۳۷)

**ترجموڪنزالايمان:** جڏهن زڪريا اُن وٽ اُن جي نماز پڙهڻ جِي جاءِ تي ويندو هو تہ اُن وٽ نئون رزق ڏِسندو هو، چيائِين اي مريم هِي تو وٽ ڪِٿان آيو چوڻ لِڳِي هي الله جي طرفان آهي، بيشڪ الله جِنهن کي گُهري بي حساب ڏي.[1]

[1]... حضرت بيبي مريم رَضِيَ اللهُ عَنْهَا وٽ گرمي جا ميوا سردين ۾ سردين جا ميوا گرمين ۾ موجود هوندا هئا. اصحابِ ڪهف جو ٽي سؤ نوَ سال تائين ڪجھ کائڻ پيئڻ بغير سُمهي رهڻ بہ (ڪرامت جي دليل) آهي. (تحفة المريد،ص363)

**حديثن مان ڪرامتن جو ثبوت:** احاديث جي ڪتابن ۾ ڪرامتن تي مشتمل بيشمار حديثون موجود آهي، ڪجھ عالمن ۽ محدثن هن موضوع تي مستقل ڪتاب لکيا آهن. اسان جي پياري نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري صحابي حضرت عبدالله رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو علم غيب ڏسو

## (3) غوثِ اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي برڪت (ڪرامت)

حضرت شيخ اِسماعيل بن علي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه فرمائن ٿا ته حضرت شيخ علي بن هيتمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جڏهن بيمار ٿيندا هئا ته ڪڏهن ڪڏهن منهنجي زمين ڏانهن تشريف ڪٺي ايندا هئا ۽ اتي ڪيئي ڏينهن گُذاريندا هئا. هڪ ڀيري سندن هتي ئي بيمار ٿي پيا ته انهن وٽ غَوثِ صَمداني، قُطبِ رَبَّانِي، شَيخ عَبدُالقَادِر جِيلاني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه بَغداد کان عيادت جي لاءِ تشريف فرما ٿيا، ائين ٻئي اَولِياءِ ڪرام رَحمَةُ اللهِ عَلَيهِمَا منهنجي زمين تي گڏ ٿيا، ايستائين جو ڪجي جا وڻ هئا جيڪي چئن (4) سالن کان خُشڪ هئا ۽ انهن تي ميوو (Fruit) نه لڳندو هو. اسان انهن وڻن کي ڪپڻ جو اِرادو ڪيو ته حضرت شَيخ عَبْدُالقادِر جِيلاني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان مان هڪ وڻ جي هينان وُضُو ڪيو ۽ ٻي جي هينان نه نفل ادا ڪيائون. ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي وڻ ساوا ٿي ويا، انهن جا پن ڦٽڻ شروع ٿيا ۽ انهيء هفتي ۾ انهن کي ميوو لڳي ويو جڏهن ته اهو کجين جي ميوي جو موسم نه هو. مون پنهنجي زمين مان ڪجھ کجيون ڪٺي پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي خدمت ۾ حاضِر ڪيون ته پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه ان مان کاڌيون ۽ مون کي فرمايائون: الله پاڪ تنهنجي زمين، تنهنجي دِرهم، تنهنجي صاع (مخصوص پيماني) ۽ تنهنجي (جانوَرن جي) کير ۾ بَرَڪت ڏي.“

---

ته پنهنجو موت، موت جي نوعيت، چگو خاتمو وغيره سيني جي اڳوات خبر ڏئي ڇڏي، جيئن ته حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنهُ فرمائن ٿا: غزوه اُحد ٿيو منهنجي والد مون کي سڏي ڪري فرمايو: مان پنهنجي باري ۾ گمان ڪيان ٿو ته نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحابه منجهان پهريون شهيد ٿيڻ وارو صحابي مان هوندس. منهنجي ويجهو رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد تون سيني کان وڌيڪ پيارو آهين. مون تي قرض آهي اهو تون ادا ڪري ڇڏجانءِ ۽ پنهنجي ڀينرن جي لاءِ ڀلائي جي وصيت قبول ڪر. حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنهُ فرمائن ٿا: اسان ڏٺو ته صبح سيني کان پهريان شهيد اهي ئي هئا.)

حضرت شَيخ اِسماعيل بن علي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: منهنجي زمين ۾ ان سال جي مِقدار کان 2 کان 4 پيرا وڌيڪ فَصل پيدا ٿيڻ شُروع ٿيو، هاڻي منهنجو حال هي آهي ته جڏهن مان هڪ دِرهم خَرچ ڪندو آهيان ته ان سان مون وٽ به (2) کان ٿي (3) پيرا وڌيڪ مال اچي ويندو آهي ۽ جڏهن مان ڪٽڪ جون سؤ (100) بوريون کنهن گهر ۾ رکندو آهيان، پوءِ ان مان پنجاه (50) بوريون خَرچ ڪري ڇڏيندو آهيان ۽ باقين کي ڏسندو آهيان ته سؤ (100) بوريون مَوجُود هونديون آهن. منهنجا جانور ايتري قَدَر ٻچا ڏين ٿا جو مان انهن جي ڳڻپ وسري ويندو آهيان. (بهجةالاسرار، ذكرفصول من كلامه۔۔۔الخ، ص٩١)
اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صلّى اللّٰهُ عليهِ واٰله وسلّم

بَہار آئے میرے بھی اُجڑے چمن میں | چلا کوئی ایسی ہوا غَوث اَعْظَم
رہے شاد آباد میرا گھرانا | کَرم اَز پئے مُصْطَفٰے غَوث اَعْظَم

(وسائلِ بخشش،ص553)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (4) غوث اعظم وقت جا بادشاه آهن (ڪرامت)

منهنجا مرشد، شهنشاه بغداد، حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مبارڪ زماني ۾ هڪ بُزرگ سيّدي عبدالرحمٰن طفسُونجي (رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه) هڪ ڏينهن منبر تي ويهي فرمايو: ”مان ولين ۾ ايئن آهيان جيئن پکين ۾ ڦاز (سيني کان اوچي ڳچي وارو پکي)“
اُتي حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو هڪ مريد حضرت سيّدي احمد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به تشريف فرما هيو ان کي اها ڳالهه نه وڻي جو اُن غوث

پاڪ تي پاڻ کي فضيلت ڏني. سو انهن گودڙي(يعني فقيرن جو اهو جبو جنهن ۾ کوڙ چتيون لڳل هونديون آهن) لاهي اڇلي ڇڏي. حضرت سيّدي عبدالرحمٰن طفسُونجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کيس مٿي کان پيرن تائين ۽ پيرن کان مٿي تائين ڏسڻ لڳا. مطلب تہ ڪيترائي پيرا نگاهہ وڌي ۽ چپ تي ويا ماڻهن سيّدي عبدالرحمٰن طفسُونجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: مون سندس جسم کي ڏٺو تہ جسم جو هر لُونئون رحمت الٰهي کان خالي ناهي پوءِ ان کي فرمايو: گودڙي پائي ڇڏيو. غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مُريد فرمايو: فقير جنهن ڪپڙي کي لاهي ڇڏيندو آهي ٻيهر ناهي پائيندو. سندس گهر ٻارهن ڏينهن جي فاصلي تي هيو پنهنجي گهر واريءَ کي آواز ڏنائين: فاطمہ! منهنجا ڪپڙا ڏيو. گهر واريءَ هٿ وڌائي کيس ڪپڙا ڏنا ۽ ان هٿ وڌائي ڪپڙا ورتي پائي ڇڏيا. سيّدي عبدالرحمٰن طفسُونجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: ڪنهن جا مُريد آهيو؟ فرمايائون: حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو غلام آهيان. حضرت عبدالرحمٰن طفسُونجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ٻن مريدن کي بغداد شريف موڪليو تہ غوث پاڪ کي وڃي عرض ڪيو! ٻارهن سالن کان قرب الٰهي ۾ حاضر ٿيندو آهيان اوهان کي نہ ايندي ڏٺو آهي نہ ويندي. هي ٻئي مريد هتان کان هليا هوڏانهن حضور غوث اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ٻن مريدن کي ارشاد فرمايو: طفسونج وڃو! رستي ۾ شيخ عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا ٻہ ماڻهو ملندا انهن کي واپس وٺي وڃو ۽ شيخ عبدالرحمٰن رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي جواب ڏجو تہ جيڪو صحن ۾ آهي اهو ميدان واري کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي ۽ جيڪو ميدان ۾ آهي اهو ان کان اندر واري کي ڪيئن ٿو ڏسي سگهي ۽ جيڪو ان کان بہ اندر خاص جڳهہ ۾ هجي. مان ان خاص مقام ۾ آهيان ۽ ان جي نشاني اها آهي تہ فلاڻي رات 12 هزار

ولين کي لباس عطا ٿيا. ياد ڪر! توکي جيڪو لباس مليو هيو اهو سبز رنگ جو هيو ۽ ان تي سون سان ” قُلْ هُوَ اللّٰهُ “ لکيل هيو.
اهو ٻڌي ڪري حضرت عبدالرحمٰن طفسُونجي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه مٿو جهڪائي ڇڏيو ۽ فرمايو: صَدَقَ الشَّيْخُ عَبْدُ الْقَادِرِ وَهُوَ سُلْطَانُ الْوَقْت يعني شيخ عبدالقادر(رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه) سچ فرمايو ۽ اهو وقت جو بادشاه آهي.
( بهجة الاسرار،ص60، 61 )

اي عاشقانِ غوث اعظم! الله پاڪ پنهنجي نيڪ ٻانهن اولياءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْهِم کي وڏي شان ۽ عظمت ڪان نوازيو آهي، هي الله پاڪ جي عطا سان وڏي طاقت رکن ٿا، قرآن ڪريم ۾ حضرتِ سَيدُنا سليمان عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي اُمّتي حضرت آصف بن برخيا رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي اها ڪرامت آهي ته ان اَسّي (80)گز ڊگهو ۽ چاليهه (40) گز ويڪرو هيرن ۽ جواهرن سان سينگاريل تَخت اک ڇنڀ کان پهريان پهريان يمن کان ملڪِ شام ۾ پهچائي ڇڏيو هو، هن واقعي کي الله پاڪ سيپاري 19سُورَت نَمل جي آيت نمبر 40 ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

قَالَ الَّذِیْ عِنْدَهٗ عِلْمٌ مِّنَ الْكِتٰبِ اَنَا اٰتِیْكَ بِهٖ قَبْلَ اَنْ یَّرْتَدَّ اِلَیْكَ طَرْفُكَؕ فَلَمَّا رَاٰهُ مُسْتَقِرًّا عِنْدَهٗ قَالَ هٰذَا مِنْ فَضْلِ رَبِّیْ ﱎ (پ 19، النمل:40)

ترجموڪنزالعرفان: ان عرض ڪيو جنهن وٽ ڪتاب جو علم هو ته مان ان کي اوهان جي بارگاهه ۾ حاضر ڪندس اک ڇنڀ کان پهريان پوءِ جڏهن سليمان ان تخت کي پاڻ وٽ رکيل ڏٺو ته فرمايو: اهو منهنجي رب جي فضل سان آهي.

جڏهن حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلَام جي اُمت جي هڪ وليُ الله“ جي اها شان آهي ته حضرت سُليمان عَلَيْهِ السَّلَامجي به آقا، سيني نبين جي سردار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت جي

تمام وڏي ٻلڪ ولين جي سردار، حضور غوث پاڪ، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحمَةُاللهِ عَلَيْه جي شان ۾ عظمت ڪهڙي هوندي.

## (5) مرگهي کي ڀڄائي ڇڏيو (ڪرامت)

بهجة الاسرار ۾ آهي: حضور غوث اعظم رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه جي زماني ۾ هڪ شخص کي "مرگهي" تي پئي، پاڻ رَحمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايائون: ان جي ڪن ۾ وڃي چئو: "غوث اعظم رَحمَةُاللهِ عَلَيْه جو حڪم آهي ته بغداد مان نڪري وڃ." جيئن ته انهيءَ وقت اهو چڱو ڀلو ٿي ويو ۽ هاڻي تائين بغداد شريف ۾ مرگهي ناهي ٿيندي.

(بہجۃ الاسرار، ص 140)

واہ کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

( حدائقِ بخشش،ص19)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## (6) اشرفين جي ٿيلهين مان رت نڪتو (ڪرامت)

شَيخ ابُو العَبَّاس خضر رَحمَةُاللهِ عَلَيْه بَيان ڪن ٿا ته هڪ رات اسان بَغداد ۾ سَيدُنا شَيخ مُحِي الدّين عبدُالقادِر رَحمَةُ الله عَلَيْه جي مَدرَسي ۾ هئاسين، هڪ خَلِيفو سندن جيَ خِدمَت ۾ آيو ۽ سَلام ڪان پوءِ عَرض ڪيو ته مون کي ڪجهه نَصِيحَت فرمايو ۽ مال و زَر جون ڏه (10)ٿهيليون پيش ڪيون، جنهن کي خادِم کڻي بيٺو هو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: مون کي انهن ٿهيلين جي ضَرُورَت ناهي. پر خَلِيفي واپس وٺڻ کان اِنڪار ڪيو ۽ پاڻ رَحمَةُاللهِ عَلَيْه تي زور ڀريو، پاڻ هڪ ٿهيلي پنهنجي ساڄي هٿ ۾ کنئي ٻي کابي ۾ ۽ ٻنهي کي دَٻائي نپوڙيو ته ان

مان رت وهڻ لڳو، پوءِ پاڻ ان خَلِيفي کي فرمايو: ڇا تون الله پاڪ کان حياء نٿو ڪرين جو ماڻهن جو رت ڪڍي مون وٽ آيو آهين؟ هي ٻڌي هو بيهوش ٿي ويو. (بهجة الاسرار،ذکر فصول من كلامه ــ الخ،ص۱۲۰)

کرم چاہیے تیرا تیرے خدا کا کرم غوثِ اعظم کرم غوثِ اعظم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله وارن کي دنياوي مال ۽ دولت جي خواهش ناهي هوندي، دنياوي مال ۽ دولت ته ڄڻ انهن جي هٿ جي مير هوندي آهي هو مٽي جي ڍير کي حڪم فرمائن ته اهو سون جو بڻجي وڃي بلڪ حضور غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ته صبر و قناعت جي ترغيب ڏيندي ارشاد فرمائن ٿا: توهان جي پيچ ڍڪ کان ورهايل رزق وڌيڪ نه ملندو ۽ توهان جي قناعت جي ڪري گهٽ نه ملندو انهيءَ ڪري جيڪو ملي ان تي راضي رهو. (مرآۃ المناجيح 13/7ـ مرقات ، 25/9،تحت الحديث:5171)

مال و دولت کی طلب ہم کو نہیں ہے مُرشد ہم فقط تیرے طلبگار ہیں غوثِ اعظم

(وسائل بخشش،ص560)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪرامت جو انڪار گمراهي آهي

حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪرامت جو مُنڪر(يعني اِنڪار ڪرڻ وارو) گمراھ آهي (بہارِ شريعت، حصہ اول،۲۶۹/۱) ڪرامت جون ڪوڙ قسمون آهن مثلاً ڏگهي مسافتن کي گهڙي کن ۾ طئي ڪرڻ، پاڻي تي هلڻ، هوائن ۾ اڏامڻ، دل جي ڳالھ ڄاڻي وٺڻ ۽ پري جي شين کي ڏسي وٺڻ وغيره وغيره.

# 100 عالمن جا سوال

حضرت مُفرَّج بن نُبهان شَيباني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن حضرت سَيدُنا شيخ عبدالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مشهور ٿي ويا ته بغداد جي ذهين ترين سؤ (100) فقهاء كرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام كجهه هن طرح منصوبو ٺاهيو ته هر هڪ جدا جدا مختلف علوم وفنون تي طرح طرح جا سوال تيار ڪري ۽ سوال اهڙا هجن ته جن جو جواب غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نه ڏئي سگهن. هرهڪ منصوبي مطابق سوال تيار ڪيا ۽ غوثِ پاڪ جي دربار ۾ حاضر ٿيا، شيخ مُفرَّج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان به ان وقت حضور غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاه ۾ حاضر هيس، جڏهن اهي فقهاء كرام اچي ويهي رهيا ته پيرانِ پير، روشن ضميرحضرت شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه متو مبارڪ جهڪائي ورتو، سندن متو جهڪائڻو ئي هو جو سندس مُبارڪ سيني مان هڪ اهڙو نُور نڪتو، جنهن کي هر ان شخص ڏٺو جنهن کي الله پاڪ ڏيکارڻ چاهيو،غوثِ پاڪ جي سيني مان نڪرڻ وارو نُور جڏهن هر هڪ فقيہ جي سِيني تائين پهتو ته انهن جا اهي سوال جيڪي انهن تيار ڪيا هئا اهي سڀ جا سڀ انهن جي ذهنن مان ختم ٿي ويا ۽ اهي پريشان ٿي تڙپڻ لڳا، انهن جي هن حالت ڪانپوءِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه منبر تي جلوه فرما ٿيا هاڻي سڀ فقيه متي اگهاڙي غوثِ اعظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي منبر اقدس وٽ حاضر ٿيا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه واري واري سان هر هڪ کي سيني سان لڳايو ۽ فرمايائون: توهان جو سوال هي هو ۽ ان جو جواب هي آهي، ائين هڪ هڪ ڪري سيني جا مسئلا ۽ انهن جا جواب ارشاد فرمايائون. شيخ مُفرَّج رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا ته جڏهن مجلس مبارڪ ختم ٿي ته مان انهن فقهاء کان پڇيو: هي ڇا معاملو آهي؟ انهن ٻڌايو ته جڏهن اسان اتي اچي ويناسين ته يڪدم سڀ ڪجهه ائين وسري وياسين جيئن اسان کي ڪجهه ايندو ئي

نہ هجي، پر جڏهن غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه اسان کي پنهنجي مُبارڪ سيني سان لاتو تہ اسان مان هر هڪ جو علم واپس آيو ۽ ان کان بہ وڌيڪ حيرت انگيز ڳالهہ هي آهي تہ حضور غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه اسان جي سوالن جا اهي جواب ارشاد فرمايا جيڪي پهريان اسان جي علم ۾ نہ هئا. (قلائدُ الجواہر،ص ٣٣۔بہجۃ الاسرار ذکر وعظہ ،ص٩٦) اللّٰه پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صلّی اللّٰہُ علیہِ واٰلہ وسلّم

فقیہوں کے دلوں سے دھودیا ان کے سوالوں کو
دِلوں پر ہے بنی آدم کے قبضہ غوثِ اعظم کا (قبالۂ بخشش،ص 54)

اي عاشقانِ غوثِ اعظم! دل جي ڳالهہ ڄاڻڻ وارن کي”روشن ضمير“ چون ٿا ۽ اسان جا پيارا پيارا غوثِ پاڪ رَحْمَۃُ اللهِ عَلَيْه اللّٰه پاڪ جي عطا سان دلين جون ڳالهيون ڄاڻي وٺندا هئا ”اللّٰه پاڪ جي عطا سان“ جڏهن چيو ويو تہ هاڻي ڪو شيطاني وسوسو نہ اچڻ گهرجي ڇوتہ اللّٰه پاڪ پنهنجي ٻانهن کي لڪيل ڳالهين، لڪيل ڪمن جي خبر ڏيڻ تي قادر آهي ۽ اهو جنهن کي چاهي ان نعمت کان نوازي ڇڏي، اسان جا غوث پاڪ تہ اللّٰه پاڪ جي مقبول ترين اولياءِ ڪرام مان آهن.

آپ ہیں پیروں کے پیر اور آپ ہیں روشن ضمیر
آپ شاہِ اَتقیا یاغوثِ اعظم دستگیر

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## (8) جنن اڇڻ ۾ دير ڪري ڇڏي (ڪرامت)


حضرت ابوزڪريا يحيي بن ابي نصر صحراوي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جا والد فرمائن ٿا: مون هڪ عمل جي ذريعي جنن کي گهرايو تہ انهن ڪجهہ دير ڪري ڇڏي پوءِ هُو مون وٽ اچي چوڻ لڳا: جڏهن شيخ سيد عبدالقادر جيلاني، قطب رباني رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ بيان ڪري رهيا هجن تہ ان وقت اسان کي سڏڻ جي ڪوشش نہ ڪندا ڪيو. مون چيو: ڇو ڀلا؟ انهن جواب ڏنو: اسان حضور غوث اعظم رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي مجلس ۾ حاضر ٿيندا آهيون. مون چيو: توهان بہ ان مجلس ۾ ويندا آهيو. انهن چيو: هائو، اسان مردن مان گهڻي تعداد ۾ هوندا آهيون، اسان جا ڪوڙ گروهہ آهن جن اسلام قبول ڪيو آهي ۽ انهن سيني حضور غوث پاڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جي هٿ تي توبہ ڪئي آهي.

(بہجۃ الاسرار، ص 180)

تھرتھراتے ہیں سبھی جنات تیرے نام سے
ہے ترا وہ دبدبہ یاغوثِ اعظم دست گیر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net